ساجده پروين

# " استاد بخاريءَ جي رومانوي شاعري"

**Abstract**

**"Romantic Poetry of Ustad Bukhari"**

*This research paper is divided into two parts: First part is based on the discussion about love and second part deals with the concept of love in the poetry of Ustad Bukhari.Ustad Bukhari is a legendary poet of Sindhi language. His diction and work have various categories. The aim of my paper is to explore his romantic views about love.*

*First of all the question about love is debatable. There is a great deal of controversy regarding the concept of love. Eastern philosophers believe that love is a mystical concept; it is not an act but feeling. They also claim that love is endowment from supernatural divinity. When it becomes a part of man's existence, all the rational and logical things go off because it is an overwhelming feeling. But western philosophers like Scott Peak, Steven Covey, Erick has denied all the previous concepts of love. They view love as an act. Love is based more on mutual understanding than feeling. Love is not gazing in the eyes of each other but looking in the same direction. It is mutual psychotherapy. Reactionary people make it narrow passageway that is only rounded in the sexual feelings. Western philosophers said that love is a positive way to think about humanism but not for sexual partner.*

*Ustad Bukhari has various conceptual colours in his poetry. Love is also enormous and most important subject of Ustad Bukhari. He makes it universal and humanistic. His love is not absolute emotionally attachment, but has many colors of aestheticism, romanticism humanism, and vitality, Ustad Bukhari has taken images of beauty from nature, he does not believe in boundaries of religion, culture, and politics. His love is based on pure feelings of humanity without believing in races. Ustad is secular in his views that's why his love is based on a broad spectrum theory.*

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

*Research on Bukhari's poetry shows that he has expressed both the concepts of love eastern as well as western in his poetry.*

## تعارف :

**رومانويت** ڪلاسيڪل توڙي جديد سنڌي ادب جو اهم موضوع رهيو آهي بلڪ تخليق جو اهم محرڪ پڻ رهيو آهي. ڪلاسيڪل دور جي سيني شاعرن مان شاهه لطيف جي شاعري ۾ رومانويت جو فڪر تمام گهڻو ۽ زندگيءَ جي فڪر سان مليل ملي ٿو، ان سان گڏ اوائلي توڙي پوئين ڪلاسيڪل دور جي سيني شاعرن وٽ نهايت اعلي پائي جي مجازي شاعري موجود ملي ٿي. انهن مان شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ مجازي محبت جو فڪر ۽ فلسفو نهايت ئي منفرد ۽ پنهنجي پوري اوج تي نظر اچي ٿو، جنهن ۾ نينهن جي اڇل بہ آهي تہ اندر جي بي پناهه جذبن، احساسن ۽ امنگن جي ترجماني بہ ملي ٿي:

ڍول م ڪٽي ٻانهڙي، پرين م ڪٽي پاند،
آءُ پنهنجو ڪانڌ، لوڪان لڪي رانئيان.
(ڏهر 3/ 12)

يا وري هي خوبصورت منظر ڪشيءَ وارو بيت ڏسو، جنهن ۾ ڀرپور رومانس سان گڏ مادي آسائش وارو پهلو بہ ملي ٿو:

اڱڻ تازي ٻهر ڪُنديون، پڪا پٽ سونهن،
سرهي سيج پاسي پرين، مَرُ پيا مينهن وسن،
اسان ۽ پرين، شال هون برابر ڏينهڙا.
(سارنگ 24/1)

تنهن کان پوءِ جديد دور ۾ مجازي محبت جي حوالي سان شيخ اياز جو نالو مڙني شاعرن کان ناميارو آهي. سندس شاعريءَ ۾ محبت جي سيني لطيف جذبن جي عڪاسي نهايت دل ڇهندڙ لفظن ۾ ملي ٿي. جيئن چوي ٿو:

اڄ جو تنهنجي سار، لهرين ۾ لوڙهي وئي،
ايريا ات سڳند سان ، تنهنجا ڪارا وار،
هريا تي هبڪار، منهنجا جوين ڏينهڙا.
(شيخ اياز: شاعري_2 ص 225)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سنڌ جي ادبي ڪيتر ۾ شاهه لطيف ۽ اياز کان پوءِ جنهن نامياري عوامي شاعر پيار جي موضوع کي اهميت ڏني آهي، اهو استاد بخاري آهي.استاد بخاريءَ جي عوامي مقبوليت جو سبب سندس قوم پرستيءَ جي فڪر واري شاعري آهي، پر استاد جو رومانوي شاعريءَ وارو پهلو به ڏاڍو اهم ۽ دلچسپ آهي. استاد حسن ۽ سونهن، قرب پريل جذبن ۽ احساسن، زندگيءَ ۽ دل جي حسين امنگن جو سرواڻ شاعر آهي. سندس ڪلام جا اکيچار عڪس انهيءَ سچ جي فطري ساک ڀريندي نظر ايندا، جن ۾ ڪٿي به، ڪا به ذري برابر هٿرادو ٺاهه ٺوهه ناهي.

استاد بخاري پنهنجي رومانوي شاعريءَ بابت ”گيت اسان جا جيت اسان جي“ مجموعي ۾ راءِ ڏيندي لکي ٿو ته: ”منهنجي شاعراڻي دل جا ٻه پاسا آهن. جن مان وقت جي پڪار هن مجموعي ۾ حاضر آهي، باقي پرينءَ جي پچار وري ٻئي ڪتاب ۾“ (1)

آءٌ هن مقالي ۾ سندس پرينءَ جي پچار واري پيچري جا پيرا ڪڻندي اهو جاچڻ جي ڪوشش ڪندس ته سندس اهو سفر ڪٿي ٿو وڃي دنگ ڪري.......! پر ان کان اڳ اها ڳالهه واضح ڪرڻ ضروري آهي ته پيار ڇا آهي؟ محبت جو عام سماجي ۽ روايتي تصور ڪهڙو آهي؟ پيار جو حقيقي فڪر ۽ فلسفوڪهڙو آهي؟ ۽ دنيا جي عظيم مفڪرن، فلسفين ۽ نفسياتدانن ان بابت ڪهڙا رايا ڏنا آهن.

## پيار جو فلسفو:

درحقيقت پيار هڪ اختلافي موضوع رهيو آهي، جنهن بابت اڄ ڏينهن تائين ڪا متفقہ راءِ قائم ناهي ٿي سگهي. ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته پيار صرف هڪ دفعو ۽ ڪنهن هڪ سان ٿيندو آهي. ڪن جو رايو آهي ته پيار دل جي بي ساخته جذبي جي اظهار جو نالو آهي جيڪو ڪٿي به، ڪنهن سان به ۽ ڪڏهن به ٿي سگهي ٿو.ڪي وري چون ٿا ته پيار وغيره ڪجهه ناهي هوندو اهو صرف وقت جو زيان ۽ دوکو آهي. ڪي وري چون ٿا ته پيار صرف هڪ خدا سان ٿيندو آهي، پر پيار ڇا آهي ان بابت مختلف مڪتبہ فڪر ۾ اڃا تائين بحث هلندڙ آهي. دنيا جي عظيم مفڪرن ۽ فلسفين ڪنهن حد تائين پيار جي فڪر ۽ فلسفي واري سوال کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

بنيادي طرح سان فلسفو مجازي محبت جا ٻه قسم ٻڌائي ٿو.

(1) پهرين نظر ۾ پيار ٿيڻ : Love at first sight

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

(2) شعوري پيار Mature Love

پهرين نظر واري محبت جو تصور اسان جي معاشري ۾ رائج عام سماجي ۽ روايتي تصور وارو آهي، جنهن ۾ بغير ڪجھ سوچڻ سمجھڻ جي پهرين نظر ۾ ئي ڪنهن سان به پيار ۽ جذباتي وابستگي ٿي ويندي آهي. ماڻهو هر وقت تصوراتي دنيا ۾ رهڻ لڳندو آهي.اهڙا خواب، خيال،جذبا ۽ احساس سندس دل ۾ گهر ڪرڻ لڳندا آهن جن جوحقيقت سان ڪو به واسطو ناهي هوندو. ماڻهو رومانوي طور پنهنجي هڪ الڳ احساساتي دنيا قائم ڪري وٺندو آهي ۽ اها ئي سندس پناهه گاهه هوندي آهي.

پهرين نظر واري محبت جو بنياد دراصل صرف محبوب جي جسماني خوبصورتيءَ تي رکيل هوندو آهي، جيڪا عاشق کي متاثرڪندي آهي. اهڙي محبت کي جبلي محبت يا جنسي محبت چيو ويندو آهي.

## پيار بابت ايرڪ فراهم جو فلسفو:

"Erotic love is the craving for complete fusion, for union with one other person. It is by its very nature exclusive and not universal, it is also perhaps the most deceptive form of love". (2)

**ترجمو:**" جنسي پيار مڪمل طرح سان ڪنهن وجود ۾ ضم ٿي متحد ٿيڻ جي شديد خواهش آهي. اهو پنهنجي فطرت ۾ آفاقي نه پر پڙڪائيندڙ جذبو آهي. شايد اهو محبت جو سڀ کان وڌيڪ دوکو ڏيندڙ روپ آهي."

درحقيقت اسان جي سماج ۾ افسانن، ناولن،ڊرامن ۽ فلمن ۾ پيار جي ان روايتي تصور کي باقاعده مضبوط هٿي ڏني وئي آهي، جنهن ۾ عاشق ۽ محبوب آخر ۾ ملي هميشه لاءِ هڪ خوشگوار زندگي گذاريندا آهن، پر حقيقت ۾ روايتي پيار جو تعلق صرف جبلت سان آهي.جڏهن محبوب کي ماڻي ورتو ته پوءِ ڪو به موهه ۽ پيار باقي نٿو رهي پوءِ وري ڪو نئون نينهن ۽ نئون محبوب گهرجي. مطلب ته پهرين، آخري يا وري صرف ڪنهن هڪ شخص سان حتمي طور محبت جو ڪو به تصور ڪونهي.اهڙي محبت تي قائم جنسي لاڳاپو به وقتي ئي هوندو آهي جيڪو ڪنهن به صورت ۾ جٽادار ثابت ناهي ٿيندو.اهڙي جنسي لاڳاپي لاءِ جرمن فلاسفر ۽ سائيڪولوجسٽ ايرڪ فراهم اڳتي لکي ٿو ته:

"Sexual act without love never bridges the gap between

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

two human beings, except momentarily ”(3) .

**ترجمو:** ”جنسي فعل ٿوري وقت لاءِ ته ٻن ماڻهن کي ملائي ٿو پر هميشه لاءِ ٻن وجودن جي خال کي پورو نٿو ڪري سگهي.“

ان جو بنيادي سبب اهو آهي ته هن وسيع ڪائنات جي بي پناهه وسعتن ۾ هر وجود پنهنجي اندر هڪ عظيم خال ڪٽي پيدا ٿئي ٿو.ڪائنات جي ڪا به شيءِ اندر جي ان خالي پڻي جي متحمل ناهي. دنيا جو هر رشتو رومانوي آهي جيڪو انسان هٿرادو جوڙيندو آهي. تنهن ڪري هر وجود ڪائنات ۾ پاڻ جهڙي ڪنهن ٻئي وجود جي تلاش ۾ سرگردان رهندو آهي جيڪو سندس وجود جي خالي پڻي ۽ اڪيلائيءَ جي درد کي ونڊي ورڇي سگهي، جنهن جي آغوش ۾ هو ابدي پناهه گاهه ڳولهي سگهي.

## محبت بابت آمريڪن مفڪر ۽ سائڪيٽرسٽ اسڪاٽ پيڪ جو رايو:

“The will to extend one’s self for the purpose of nurturing one’s own or another’s spiritual growth.Genuine love is volitional rather than emotional.”(4)

**ترجمو :**” محبت ۾ حقيقي ارادو ٿئي ان مقصد لاءِ هئڻ گهرجي ته ذاتي يا ڪنهن ٻئي شخص جي روحاني واڌ ويجهه ٿئي، ڇاڪاڻ ته حقيقي پيارجذباتي پڻي جي بجاءِ شعوري فيصلو آهي. “

هتي حقيقي پيار لاءِ لفظ استعمال ٿيو Volitionalجنهن جي معني آهي (The act of making a conscious choice or decision) يعني اهو فعل يا فيصلو جيڪو شعوري مرضي مطابق ڪيو وڃي. ان ڳالهه مان واضح ٿيو ته پيار صرف وقتي جذبو ۽ احساس ناهي ڇاڪاڻ ته انسان جا جذبا ۽ احساس وقت ۽ حالتن سان گڏ تبديل ٿيندا رهندا آهن نه ٿي محبت جو بنياد صرف جنس تي رکيل آهي بلڪ محبت جو واسطو شعور، سوچ ۽ سمجهه، فهم ۽ ادراڪ ۽ ذات جي مرضيءَ تي آهي.

اتان محبت جو ٻيو رخ سامهون اچي ٿو جيڪو شعوري پيار (Mature Love) وارو آهي، جنهن ۾ اهميت شعور يا ذهن جي آهي.

”جديد فلسفي جي باني رين ڊيڪارٽ مطابق جسم ۽ ذهن / روح به الڳ الڳ حقيقتون آهن“. (5)

شعوري پيار جسم ۽ روح جو حسين ميلاپ آهي. شعوري پيار جي معاملي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۾ روح کي جسم کان الڳ نٿو ڪري سگهجي.جڏهن من جو من سان ميل ٿئي ٿو ته اهو جسم جي ميلاپ کان سواءِ اڌورو رهجي وڃي ٿو. جڏهن ٻه دليون،ٻه ذهن هڪ ٻئي کي چاهين ٿا ته دلي ۽ جسماني طور ملڻ ئي پيار جي تڪميل آهي.حقيقت ۾ پيار روح جو روح سان ٿيندو آهي چاڪاڻ ته ٻن فردن جي ذهني فريڪوئنسي هڪ ٻئي ۾ پنهنجو پنهنجو عڪس اچي ڳولهي لهندي آهي پر وري به پيار جو ذريعو جسم ئي هوندو آهي جنهن ذريعي روح تائين پهچبو آهي.جڏهن روح جو روح سان پيار ٿي وڃي ٿو ته پوءِ جسم جي حيثيت ثانوي ٿيو وڃي ۽ پوءِ اهو جسم ان پيار تان قربان ٿيو وڃي.اهڙي طرح ڏٺو وڃي ته شعوري پيارماديت ۽ روحانيت جو حسين سنگم آهي، جيڪو طبعي طور ٻن فردن جي شخصيت ۽ ڪردار جي تعمير ته ڪري ٿو پر گڏوگڏ روحانيت ذريعي انسان جي وجود جي عظيم خال ۽ اڪيلي پڻ کي به پر ڪري ٿو.

"The Road less Travelled" جو مصنف لکي ٿو:

"Love is the free exercise of choice. Two people love each other only when they are quite capable of living without each other but choose to live with each other." (6)

**ترجمو:**"پيار چوندڱ جي آزادانه مشق آهي. ٻه ماڻهو صرف ان وقت هڪ ٻئي سان پيار ڪن ٿا، جڏهن اهي صحيح معني ۾ هڪ ٻئي کان سواءِ رهڻ جي قابل ٿين ٿا پر گڏجي رهڻ کي منتخب ڪن ٿا ".

شعوري پيار جو تصور نهايت اتم ۽ اعلي آهي، جيڪو انسان کي انسانيت جي تصور سان آشنا ڪرڻ شروع ڪري ٿو. اسان جي ڪلاسيڪل،ڪافي ۽ توڙي روايتي دور جي سڀني شاعرن وٽ مجازي محبت درحقيقت، حقيقي عشق تائين رسائيءَ جو اهم ذريعو آهي، جيڪو تصوف جهڙي اعلي منزل تائين رسائي ٿو ۽ انسانيت جي فلسفي جو سڀ کان عظيم درس ڏئي ٿو.

فطري ۽ داخلي طور هر انساني وجود جون بي پناهه چاهتون ۽ خواهشون هونديون آهن، پر محبوب کي روايتي طور طريقن جي ٻنڌڻن ۾ ٻڌڻ محبت ناهي بلڪ سندس وجود کي آزاديءَ جي بي پناهه وجدان جو احساس ڏيارڻ آهي، جنهن ۾ مجبوري ۽ لاچاريءَ جي ڪنڊن ڀريل سيج مٿان لڙڪ هاريندي هلڻ بجاءِ دل جي ديرينه خواهشن جو ڪليل اظهار محسوس ٿئي.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**مشهور شاعر، آرٽسٽ ۽ فلسفي خليل جبران جو پيار بابت فلسفو:**

"Love possesses not nor would it be possessed. For love is sufficient unto love. (7)

**ترجمو:** "پيار ڪنهن جي ملڪيت ناهي نه انهيءَ تي قبضو ڪري سگهجي ٿو. پيار لاءِ اهو ئي ڪافي آهي ته اهو پيار آهي ".

دنيا جي ڪا به آسائش ۽ آرام بي پناهه پيار جي متحمل نه آهي. شعوري پيار دل جي گهرائيءَ سان مڪمل طرح صرف پاڻ ارپڻ جو نالو آهي جيڪو موٽ ۾ ڪنهن به صلي جو طلبگار نه آهي، جنهن ۾ خود غرضي، مطلب پرستي ۽ تنگ نظريءَ جو وهنوار ناهي. تنهن ڪري شعوري پيار انساني وجود ۾ ازخود قرباني، خلوص،نرم دلي، همدردي ۽ ايثارجهڙا املهه گڻ پيدا ڪري هڪ نئين انسان کي جنم ڏئي ٿو.

**"Stephen Covey" جو محبت بابت رايو:**

In the great literature of all progressive societies, love is a verb. Reactive people make it a feeling. They are driven by feelings……

Proactive people make love a verb, love is something you do: the sacrifices you make, the giving of self, like a mother bringing a newborn into the world.(8)

**ترجمو :**"عظيم ادب جي تمام ترقي پسند معاشرن ۾، پيارعمل آهي. رجعت پسند ماڻهو ان کي جذبو بڻاين ٿا.اهي جذبن جا محتاج آهن..... مثبت سوچ رکندڙ ماڻهو پيار کي عمل بڻاين ٿا.پيار اهو آهي جنهن ۾ توهان قرباني ڏيو ٿا، پنهنجو پاڻ ارپيو ٿا، هڪ ماءُ وانگر جيڪا دنيا ۾ نئين ڄاول ٻار جي پرورش ڪندي آهي. "

هن فلسفي مان واضح ٿيو ته شعوري پيار صرف جذبو نه بلڪ عمل(Verb) آهي، جنهن جو تعلق مثبت سوچ رکندڙ انسان جي عمل سان آهي ۽ سڀ کان بهترين عمل جو اظهار ڪردار آهي، جنهن ذريعي انسان حقيقي طور شعوري پيار جي روح کي پروڙي سگهي ٿو، جڏهن ته رجعت پسند ماڻهوءَ لاءِ پيار صرف جنون جذباتي پڻو ۽ ابهرائپ وارو قدم آهي.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**H.B Danesh جو محبت بابت فلسفو:**

"The main activity of love is creation. Love creates life, nurtures and enhances growth and developments and creates unity and harmony." (9)

**ترجمو:** "پيار جي اهم سرگرمي تخليق آهي. پيار زندگيءَ کي جنم ڏئي ٿو.ان جي پرورش ڪري ٿو ۽ واڌ ويجهه کي بهتر بڻائي سڌاري سنواري اتحاد ۽ هم آهنگي پيدا ڪري ٿو".

شعوري پيار انسان جي شخصيت ۽ ڪردار جي نئين سري سان تعمير ڪري ٿو.ان جي برعڪس عام روايتي پيار ۾(Falling in love) جو تصور هوندو آهي،جڏهن ته شعوري پيار (standing in love) جي فلسفي جي آگاهي ڏيندو آهي.شعوري پيار انسان لاءِ اتساهه جو ذريعو بڻجندو آهي.انسان کي مايوسين جي ڪن مان ڪڍي پرامید زندگيءَ جي نصب العين ماڻڻ لاءِ پرجوش ۽ پرپور طريقي سان همٿائيندو آهي. زندگيءَ سان جماليات ۽ رومانس جو سگهارو رشتو جوڙيندو آهي.غرض شعوري پيار فرد لاءِ هڪ اهڙو لازوال تصور بڻجي اڀرندو آهي جيڪو سماج جي عام رواجي مدي خارج قدرن کان گهڻو مٿانهون هوندو آهي، جنهن جي سُر ۽ لئي تي زندگيءَجي خوبصورت ۽ وڻندڙ موسيقي جنم وٺندي آهي.

(Erich From) کان (H.B Danesh) تائين دنيا ۾ جيڪي به عظيم مفڪر،فلسفي ۽ ڏاها ٿي گذريا آهن، جيڪڏهن غور ڪيو وڃي ته انهن وٽ مجازي محبت جوفڪر ۽ فلسفو شعوري پيار(Mature love) وارو رهيو آهي، جنهن جي ڀرپور عڪاسي سندن خيالن،راين ۽ فڪر مان نهايت سولي نموني اخذ ڪري سگهجي ٿي.

## استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ پيار جو فلسفو:

مٿئين بحث مباحثي جي روشنيءَ ۾ هاڻي اسان استاد بخاريءَ جي شاعريءَ جو تجزيو ڪنداسين ۽ ڏسنداسين ته سندس خيال ۾ محبت جو ڪهڙو تصور سمايل آهي؟ ۽ محبت جي ڪهڙي فلسفي ۽ فڪر جي پرچار ڪئي اٿائين.

استاد بخاري پيار کي زندگيءَ جو لازمي ۽ مرڪزي حصو سمجهي ٿو ۽ ان جي چوگرد ئي سندس پوري دنيا گهمي ٿي. عشق بنا هن لاءِ زندگي سچ ۽ رچ مثل آهي جيڪا صرف مايا جو خوبصورت پر حقيقت ۾ فريب ڏيندڙ روپ آهي، جنهن جي پنيان

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڊوڙندي ڊوڙندي وري بہ انسان هٿين خالي رهجي وڃي ٿو. استاد پيار بابت چوي ٿو:

عشق نہ عيب نہ عار، شوق نہ لولو لنگڙو،
سيني وصفين سوهڻو، سوڏو سگهو پيار،
محبت آهہ مدار، بخاريءَ جي پوڻءِ جي.
(ولولو ۽ ووڪ ص 64)

پيار ڪرڻ ڪو عيب ناهي ۽ نہ ئي وري ڪو اخلاقي،سماجي ڏوهہ آهي جيڪو انسان جي شخصيت ۽ ڪردار کي بگاڙي ٿو. ڳالهہ صرف ايتري آهي تہ پيار جي فلسفي جي تشريح هميشہ غلط نموني ڪئي وئي آهي، جنهن ڪري سماج ۾ ان کي هڪ برائي تصور ڪيو وڃي ٿو، پر استاد تہ چوي ٿو:

نہ پلي نہ پلي نہ پلي،
دل پيار کان ڪين پلي.
ريءَ پيار سڄي دنيا، آزار نظر آئي،
ڀي ڪا بہ سجهي نہ ڳلي،
دل پيار کان ڪين پلي.
(لهري لهري ۾ لالاڻ - ص 217)

پيار کان سواءِ انسان رهي ئي نٿو سگهي، پيار انساني زندگيءَ جي هڪ اهم ضرورت آهي. پيار انسان جي زندگيءَ جي ڪئنواس ۾ خوبصورت رنگ ڀري ٿو.پيار انسان لاءِ اتساهہ جو ذريعو آهي ۽ ڪائناتي وسعتن جي بي پناهہ ڏکن ۾، سکن ۽ خوشيءَ جو هڪ حسين پل آهي، جنهن جي نرم ۽ گرم گود ۾ سرور جي لذت سمايل آهي.

استاد جي ڪلام ۾ ڪيترين ئي جاين تي اهو فڪر ملي ٿو.هن جي نظر ۾ پيار ئي اهو فلسفو آهي جيڪو انسان کي انفرادي شخصيت (محبوب) کان اجتماعيت ڏانهن مائل ڪري انسانيت جو عظيم درس ڏئي ٿو:

مون کي تڙپايئي، محبت مهرباني !
درد مندي در حقيقت مهرباني،
ويس بچي جو بي متيو پٽر نہ ٽيس،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ماڻهپو بخشيءِ، محبت، مهرباني.

(سوچون پٽڪا واڪا - ص 102)

استاد پيار جو ٿورو مڃيندي چوي ٿو ته اي محبت! تنهنجي مهرباني جو تو مون کي ماڻهپي جهڙو املهه قدر سيکاريو يا وري چوي ٿو:

زندگيءَ تي ناهي ڪوئي پروسو،
پيار کي ده ده، پکيڙيو دوستو!
پيار سان آباد ساري زندگي،
پيار ئي استاد پنهنجي بندگي،
پيار سان ماڻهو ٿو ماڻي ماڻهپو.
(لهري لهري ۾ لالاڻ - ص 123)

انساني زندگي فنا آهي، جيڪڏهن هن دنيا ۾ باقي ڪجھ رهڻو آهي ته اهو صرف پيار ئي آهي جيڪو انسان کي انسانيت سيکاري ٿو.تنهن ڪري استاد اهو پيغام ڏئي ٿو ته ڪائنات جي هر ڪند ڪڙڇ ۾ پيار کي پکيڙي ڇڏيو.استاد پيار کي ئي پنهنجي زندگيءَ جي عظيم عبادت تصور ڪري ٿو.

ظاهري ڳالهه آهي ته جڏهن استاد پيار کي زندگيءَ جو لازمي حصو سمجهي ٿو ته پاڻ به پيار جي تجربي مان ضرور گذريو هوندو.استاد بخاري پنهنجي شعري مجموعي "ميلا ملهالا" ۾ پنهنجي شاعريءَ بابت ان ڳالهه جو اعتراف ڪندي لکي ٿو ته:

" هي شاعريءَ جو مجموعو گهڻي ڀاڱي منهنجي محبتي جذبن جو ڪليل اظهار آهي، جنهن ۾ سونهن جي ساهن جا نفيس ترين هڳاءُ آهن؛ چاهه جي چپن جون لذيذ ترين مٺيون ماکيون ۽ جلون جذبن جون بي اختيار جهومريون آهن. " (10)

محبت بابت استاد جي رومانيت سان ڀرپور راءِ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته مجازي عشق جو آڙاهه سندس دل کي هميشه جلائيندو رهيو، جنهن جي شدت کي ڪڏهن مانو ٿيڻ نه ڏنائين.پيار جي ئي قوت وجدان بڻجي ڪائنس تخليق جو سفر طئي ڪرائيندي رهي ۽ هو پوري زندگي محبت جي پيچري جو پانڌيئڙو بڻيل رهيو.استاد محبت بابت چوي ٿو:

حملوشديد عشق ڪيو، اوچتو نہ هو،
پر دل کي توڙي ديد کي پورو پتو نہ هو.
(نہ ڪمر نبريو نہ غمر نبريو - ص 49)

استاد جي نظر ۾ محبت جو تصور شعوري پيار (Mature love) وارو آهي چاڪاڻ تہ هو ان ڳالھ جو اعتراف ڪري ٿو تہ ڪيس اوچتو پهرين نظر ۾ ئي ڪنهن سان بہ محبت ڪا نہ ٿي پر آهستي آهستي محبوب سندس دل ۾ ديرو ڄمايو جنهن جو احساس ڪيس ڪجھ وقت ڪان پوءِ تڏهن ٿيو جڏهن محبوب سان سندس تعلق شدت اختيار ڪئي.هتي استاد جو فڪر واضح طور تي ان ڳالھ ڏانهن اشارو ڪري ٿو تہ پيار جو سوچ،سمجھ ۽ ارادي سان واسطو آهي صرف جذباتي پٽي سان نہ.تڏهن تہ هو پنهنجي محبوب کي بہ پيار ۾ تڪڙ ڪرڻ بجاءِ سوچي سمجهي فيصلو ڪرڻ جي صلاح ڏئي ٿو. چوي ٿو:

پهرين سوچ پرين، تڪڙو پيچڙو نہ پاءِ،
هي ٿئي عشق الاءِ، هن کي هٽڙو نہ لاءِ،
لائين ٿو تہ پلاءِ جاني ٿيءُ جوان.
(لهري لهري ۾ لالاڻ - ص 228)

چاڪاڻ تہ استاد ان ڳالھ کان چڱيءَ پر واقف آهي تہ پيار ابهرائپ وارو فيصلو ڪونهي.چوي ٿو:

”نہ ڪو عشق چرچو، نہ ڪو حسن چسڪو“
(نہ ڪمر نبريو نہ غمر نبريو - ص 115)

پيار جي راھ ڏاڍي اٽانگي آهي جنهن تي هلندي ماڻهوءَ جا پير پٿون ٿيو پون چاڪاڻ تہ پيار ڪرڻ تہ وري بہ سولو آهي، پر ان کي نڀائڻ ڏاڍو اوکو آهي.ان جو هڪ بنيادي سبب سماج جا اخلاقي،روايتي قدر آهن تنهن ڪري استاد انهن کي هرجاءِ تي ڀرپور نموني نندي آهي:

پيار کي بازار جو سودو نہ ڇئو،
هانءَ جي هٻڪار کي هوڪو نہ ڇئو،
صبح هڪڙو، شام ٻيو ۽ رات ٽيو،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هي ته ٿئو چولو، رئو ڇهرو نه ڇئو.

(سوچون پٽڪاواڪا - ص 104)

پيار ڪو ڪاروبار ناهي جيڪو اڄ هڪ سان،سڀاڻي ڪنهن ٻئي سان ۽ گهاٽو ٿئي ته وري ڪنهن ٽئين سان ڪجي.استاد مطابق محبت روح جو روح سان ۽ دل جو دل سان اهڙو مضبوط ناتو آهي، جنهن جو ڌن،دولت، قوت طاقت ۽ منٽ ميڙ سان ڪو به واسطو ناهي. محبت زور زبردستي ڪري حاصل نٿي ڪري سگهجي ۽ نه ئي وري مرضيءَ مطابق نينهن جو ناتو ٽوڙي سگهجي ٿو:

نينهن نه منٿين پنجي سگهجي،
نينهن نه ڇڙٻئي ڇنجي سگهجي،
نينهن نه ڳنهنجي سگهجي ناٽي.
ڪنهنجي پيڙا، ڪو به نه ڄاڻي.

(اوتون جوتون - ص 44)

محبت ۾ به دماغ،به دليون ۽ به روح هڪبئي ڪي تڏهن ڳولهي لهندا آهن جڏهن انهن ڪي محسوس ٿئي ته اهي به الڳ وجود نه پر هڪ ئي وجود جا اڌو اڌ به حصاآهن،جيڪي هڪ ٻئي ڪان سواءِ اڻ پورا آهن. استاد محبت ڪي ڪٿي به (Formulized) نٿو ڪري. هن جي نظر ۾ محبت جو ڪو به مخصوص اصول قاعدو ۽ قانون نه آهي،نه ئي وري محبت سان ڪو شرط لاڳو ڪري سگهجي ٿو. محبت صرف محبت آهي ۽ هر صورت ۾ سچائيءَ سان مڪمل طرح پاڻ ارپڻ جو نالو آهي:

دل جي ڪاروبار جو هڪ قاعدو آهي،
ڪيترو به نقصان ٿئي ته به فاعدو آهي.
جي مران جيئان، مران جيئان سوين پيرا،
هر دفعي تو سان وفا، هي واعدو آهي.

(نه ڪم نبريو نه غم نبريو - ص 15)

بلڪ استاد جي نظر ۾ اها محبت آهي ئي ڪو نه جيڪا شرطن، خود غرضيءَ ۽ مطلب پرستيءَ جي بنياد تي ڪئي وڃي.علي دوست عاجز؛ استاد جي رومانوي شاعريءَ تي تبصرو ڪندي لکي ٿو:

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

”بخاري صاحب جوين جي جلترنگ تي خوشين جا گيت ڳاتا، جن ۾ گهٽو ڪري جهومر ۽ جرڪار هو. لوچ ۽ لوچ هئي، اڌمن جي اوت ۽ جذبن جي جوت هئي پر پيڙا جي پچار گهٽ هئي ڇو تہ هو حسن ۽ هٻڪار جو شاعر هو.“(11)

اها نج مکڻ جهڙي حقيقت آهي تہ استاد محبت ۽ سونهن جهڙن سون-سريکن جذبن، احساسن ۽ خيالن جي هر پهلوءَ جي هر رخ تي دل کولي ڀرپور نموني نهايت ٿي سولي، سليس ۽ ٺيٺ سنڌي انداز ۾ لکي سنڌي سماج جي هر حلقي ۾ پاڻ کي دلربا انداز ۾ مڃايو، پر محبت ۾ استاد وٽ پيڙا جي پچار بہ آهي ڇاڪاڻ تہ استاد جو خيال آهي تہ جڏهن دل اندر پيار جو سلو سرجي ٿو تہ ان کي سک ۽ سوز جو پاٽي ڏيڻ لازمي آهي. استاد وٽ سک ۽ سوز جي بي مثال سوغات سيني اندر سانديل آهي جنهن جي پيڙا ۾ بہ لذت جو احساس پائي ٿو:

سال سڪايئہ، پريت نہ پياريئہ! ڪيڏو ڪيس ڪلور او پيارا !
سنڌو ڏارو،
آءُ اجارو !
ويجهو ويهہ تہ جهرڪان، جهومان، ڏاڍو تڙپان ڏور او پيارا !
ريجهہ اجارو،
پيڙ پچارو !
تنهنجو ناءُ تہ چندبو چلپو، توڙي هاڻ تنور او پيارا !
ٻارڻ وارو،
ٺارڻ وارو.

(ڪوڪڻ ياڪلياڻ - ص 120)

استاد جو اهو مڃڻ آهي تہ سک ۽ سوز عاشق ۽ محبوب لاءِ لازم آهي ڇاڪاڻ تہ سک سوز بنا دل سور ۽ سرور جهڙين ڪيفيتن کان عاري رهي ٿي. سک ۽ سوز جي بنيءَ ۾ پچي محبت، عشق جون منزلون طئي ڪري ٿي، تنهن کان پوءِ ئي عشق، عاشق ۽ معشوق لاءِ دردن جو دارون بڻجي ٿو:

جاني ! جيون تو بنا، سڄو بڻيو سور،
ايندي سان استاد کي، آڇيئي ڪجهہ سرور،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سڄڻ سور سرور، هڙيئي تنهنجي هٿ ۾.

(ولولو ۽ ووڪ - ص 28)

## استاد وٽ محبت جي ڪيفيتن جو بيان:

اها آفاقي حقيقت آهي ته جڏهن انسان کي ڪنهن سان عشق ٿيندو آهي ته پوءِ اندر جون ڪيفيتون ئي تبديل ٿي وينديون آهن. بيچيني، راتين جو ننڊ نه اچڻ، ڪنهن ڳالهه ۾ دل نه لڳڻ، هر وقت محبوب جي تصور ۾ گم رهڻ،محبوب جي ذڪر ٻڌڻ سان ئي غم ۽ اداسيءَ بجاءِ جسم جي انگ انگ مان اوچتو خوشي ڦٽي نڪرڻ، سرءُ ۾ به بهار جي مند جو احساس ٿيڻ،محبوب جي وصال جي خوشيءَ ۾ ويراني جو گلشن بڻجي وڃڻ، پر وري محبوب جي وصال نصيب ٿيڻ تي سخت گهبراهٽ ٿيڻ،مطلب ته محبت جي جذبن ۽ احساسن جو تبديل ٿيڻ ۽ وري انهن تي پردو وجهڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوي ٿو. استاد چوي ٿو:

پنهنجي منهن سان ڏاڍو سوچيان،
تنهنجي سامهون ڏرتي ڪوٺيان،
هٿڪان،هٻڪان، گ گ گهبرايان،
عشق لڱن ۾ ڪيئن لڪايان!
لوڪ سمهي ٿو، آءٌ اٿان ٿي،
لنئن لنئن ۾ استاد لڃان ٿي،
تڙپي تڙپي پاند پسايان،
عشق لڱن ۾ڪيئن لڪايان!

(اوتون جوتون - ص65)

يا وري عشق جي ڪيفيتن کي هيئن بيان ڪري ٿو:

اڪڙيون آليون، پؤ به آلا، اهو ئي ته آهي عشق الا الا !!
باهه جگر،جان جو الا،اهو ئي ته آهي عشق الا الا !!

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

بعضي بخاري پچري جر ۾،
بعضي تنهنجي ياڪر پر ۾،
ڪڏهن ڪيڏارا،ڪڏهن جمالا،
اهو ئي ته آهي عشق الا الا !!
(لهري لهري ۾ لالاڻ ص11)

ڪيڏي نه خوبصورت پيٽ آهي.عشق واقعي ڪڏهن خوشيءَ جو گيت جمالو آهي ته ڪڏهن وري الم جي نشاني ڪيڏارو ! عشق انسان جي وجود ۾ باهه مثل آهي، جيڪا وصال جي خوشيءَ ۾ به پنيٽ ته فراق ۾ به ڇپيون ٻڻجي تن من جلائيندي رهي ٿي. انهن ڪيفيتن ڪي اهو ئي شخص ايتري پرپور نموني نپائي سگهي ٿوجنهن عشق جي هر پل ڪي باقاعده ماڻيو هجي.

مير محمد پيرزادو، استاد جي شاعريءَ بابت لکيل مهاڳ ۾ پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو:

" عشق جي وارتا جو بيان جڏهن استاد بخاريءَ پاري شاعر جي لفظن ۾ اچي ٿو ته ان ڪي فن ۽ تخليق جا چار چنڊ لڳيو وڃن ۽ اهي ته رچنائون رچجي وڃن ٿيون،جن جي مطالعي سان روح رچجي وڃن ٿا." (12)

حقيقت ۾ استاد جو انداز بيان ايڏو ته دلڪش ۽ وڻندڙ آهي جو اهو پڙهندڙ ڪي مڪمل طرح سان پنهنجي سحر ۾ مضبوطيءَ سان جڪڙي وٺي ٿو ڇاڪاڻ ته استاد جي فلسفي،فڪر،جذبن ۽ احساسن ڪي هر ماڻهو پنهنجي خواهشن ۽ امنگن جي مڪمل عڪاسي ۽ ترجماني سمجهڻ تي بي اختيار مجبور ٿي پوي ٿو.

استاد جو محبوب به ٻين ڪان ڏاڍو نرالو ۽ منفرد آهي، جنهن جو تعلق ڪنهن اوچي طبقي يا اعلي خاندان سان نه پر هڪ ننڍڙي ڳوٺڙي سان آهي.چوي ٿو:

"مان ڳوٺ جو ۽ يار به ڳوٺاڻي منهنجي" (ميلا ملهالا ص92)

پر ڳوٺ جي هڪ عام رواجي ڇوڪري؛ استاد لاءِ ڪا معمولي هستي ناهي.هن جي نظرن ۾ سندس محبوبه ڪائنات جي حسين ترين مخلوق آهي، جنهن جي دل ڇهندڙ تشبيهن ۽ استعارن سان بي حد ساراهه ڪئي اٿائين:

پيني پيني بوءِ سين وينگس واسيا وار،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سامهون سونهين آنهري.
اڪيئين البيليون اکيون، ڪيريون منجهه خمار،
سامهون................
ڳاڙهن ڳلڙن ڏي ڏسي، آيس ياد انار،
سامهون................
لبڙن تي لالي مٿي، لڳيس ماڪيءَ لار،
سامهون................
پسندي پنهنجا انگڙا، اپريس اندران آر،
سامهون................
اتيئي ”استاد“ تي مچئين، ناهه ميار،
سامهون سونهين آنهري.
(ڪوڪڻ يا ڪلياڻ - ص 153)

ڪيڏي نه دلڪش منظر ڪشي آهي محبوب جي حسن ۽ سونهن جي.محبوب جا وار وڏا گهاٽا ۽ هلڪي هلڪي پر وٽندڙ خوشبوءِ سان واسيل آهن،ناز نخري واريون اکيون خمار سان ڀريل آهن. محبوب جا ڳل ڄڻ ڳاڙها ڳٽول ڏاڙهون ۽ لبن جي لالاڻ وري اهڙي ڄڻ ماڪي لار ڪري پئي وهي. محبوب جي حسن جو اهڙو تصور ڄڻ ڪا جنت جي حور هجي.تڏهن ته استاد چوي ٿو:

تون سهڻي ته آهين،سو ڏسان ٿو ويٺو،
هن ديس جي فردوس جي هڪ حور آهين.
( لهرلهر دريا - ص 89)

استاد جي محبوب جون اکيون يقيناً تمام گهڻيون خوبصورت رهيون هونديون ڇاڪاڻ ته استاد پنهنجي هر ڪلام ۾ محبوب جي اکين جي تمام گهڻي ساراهه ڪئي آهي. چوي ٿو ته:

سهڻيون اکيون سنڌ ۾،خاص بخاري ڪوڙ،
تنهنجين سان تر جيتريون، جاني ناهن جوڙ،
ڪجليون ڀيون به ڪروڙ، تنهنجيون تجليون تيز ٿيون.
( ولولو ۽ ووڪ - ص 75)

هتي تہ رومانس جي انتها آهي ! سچي سنڌ جون ڪروڙين خوبصورت اکيون بہ استاد جي محبوب جي ڪجل ڀنل نيڻن جي تر برابر بہ خوبصورت نہ آهن. درحقيقت رومانس ۾ انسان جي جمالياتي حس گهٽي سگهاري ٿيندي آهي. تنهن ڪري اهو انسان جي اندر جي اکين جو حسن ۽ ڪمال هوندو آهي جيڪو محبوب کي ڪائنات جي عزيز ترين هستي بڻائي ڇڏيندو آهي.تنهن ڪري تہ استاد چوي ٿو:

هن دل جي دلبري آهين،
۽ پيار آخري آهين،
مان ديد ۽ تون درشن آن!

مون وٽ لفظ ڪينهن ڪي،
سولو سڌو چوان توکي،
جاني تون منهنجو جيون آن!

(ميلا ملهالا - ص 156)

ان مان واضح ٿئي ٿو تہ استاد وٽ صرف پهرين ۽ آخري پيار جو تصور موجود آهي.استاد جو محبوب صرف هڪ ئي شخص آهي جنهن سان ڪيس بي پناهہ عقيدت ۽ پيار آهي ۽ ان کان سواءِ پنهنجو جيون اڌورو ڀانئي ٿو. تڏهن تہ محبوب جي رسي وڃڻ تي ڪيس نهايت ئي درد انگيز انداز ۾ هٿ ٻڌي ايلاز ۽ منٿون ڪندي موٽي اچڻ لاءِ چوي ٿو:

موٽي آ، موٽي آ، ٻانهون آءُ ٻڌانءِ!
اکڙين جي ڳوڙهن سان ڌوڙيل پير ڌئانءِ!
سوريتو سڏرائي ، چو ٿو سور ٻچين،
ههڙي حالت هوندي، جاني جي نہ اچين،
هڪ دل حيف چوانءِ، ٻي دل منٿ ڪيانءِ!
(لهري لهري ۾ لالاڻ - ص 150)

چاڪاڻ تہ محبوب جو ڪو بہ نعم البدل ڪيس پوري ڪائنات ۾ نظر نٿو اچي، جيڪو سندس وجود جي خال ۽ اندر جي اڪيلائيءَ کي ڀري سگهي. محبوب کي پرچائڻ جو انداز بہ استاد وٽ نهايت ئي نماڻو ۽ معصوميت سان ڀرپور آهي:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مون جو ڪڏيو ڳٽو ڳفتو،

تو ڪي لڳو ڏکيو ڏاڍو،
تو کان ڳڙي پيا ڳوڙها.
ٻانهون ٻڌي چيم هٿڙا،
ٻاکر وجهي اڳهيم ڳوڙها،
ٻوڳن ۾ ڏنڊ پيا ڏوڙا.

(ميلا ملهالا - ص 136)

استاد چوي ٿو مون حجت ۾ جيڪو مذاق ڪري تنهنجي دل ڏکائي آهي تنهن لاءِ مون کي معاف ڪر ! پيار جي ته اها ريت آهي پياري ! ته جيڪو پنهنجو هوندو آهي وڏيڪ ان سان ئي ناز نخرا ۽ ماٺا ڪبا آهن پر جي توکي تڪليف پهتي ته مان ٻيٽو ڏنڊ ڀري ڏيندس، پر تون مون کان خفا نه ٿي چاڪاڻ ته:

منهنجي آس ، اميد ته آهين،
مون کان منهن نه مٽيندي ڪر تون.
مايوسين جو چارو مون تان،
روز اچي روڙيندي ڪر تون،
درد وندو استاد بخاري،
ويهي سور ونڊيندي ڪر تون.

( نه ڪم نبريو نه غم نبريو - ص 79 )

دنيا جي گردشن ڏکن ڏولاون ۾ تون مون لاءِ ٻڙ جي گهاٽي ڇانو مثل آهين، جنهن جي پناهه ۾ اچي سالن جا ڏک لحظن ۾ لهي ويندا آهن.تنهن ڪري ڪجھ گهڙيون گڏ گهاري مون کي مايوسين جي ڪن مان اچي ڪڍندي ڪر ! يعني وجود جي خالي پٽي کي اچي ڪجھ گهڙي ڀريندي ڪر!

## استاد وٽ محبت جي وهنوار جو فلسفو:

استاد جي رومانوي شاعريءَ ۾ روايتي ۽ سماجي قدرن،ريتن رسمن، طور طريقن،اصولن ۽ قاعدن خلاف بغاوت جو عنصر تمام گهٽو ملي ٿو. هو انهن سماجي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مدي خارج قدرن خلاف ڀرپور نفرت جو اظهار پڻ ڪري ٿو. سرڪش سنڌي سندس ڪلام جي مهاڳ ۾ لکي ٿو:

”هن جي تخليق محض سندس جمالياتي ذوق ۽ خيالي تسڪين ڪي پوري ڪرڻ لاءِ نٿي ٿئي پر سماج ۾ سمورن اخلاقي قدرن ڪي هٿي ڏيڻ ۽ غير اخلاقي حرڪتن ڪي ختم ڪرڻ لاءِ وجود وٺندي آهي.“ (13)

استاد مختلف فطري معروضن ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي چوي ٿو تہ مخالف جنسن جي هڪ ٻئي ڏانهن ڪشش هڪ فطري ۽ لازمي امر آهي، جنهن جو تخليق ڪار خود خدا آهي تہ پوءِ آخرڪار سماج پيار جهڙي پاڪيزه جذبي ڪي نفرت سان ڇو ٿو ڌڪاري، استاد چوي ٿو:

پوپٽ، پوپٽ پويان اڏري ،
ڳيرو ، ڳيري آڏو انگري،
ڪو بہ نہ ڪوٺي! ڪارو ڪاري،
ماڻ تہ ماٺيون موسم پياري !

(اوتون جوتون - ص 58)

استاد، انسان جي فطري لاڙن ڪي زندگيءَ جو جوهر سمجهي ٿو ۽ انهن مطابق ئي جيئڻ جو ڍنگ سيکاري ٿو. هن جي نظر ۾ پيار غير اخلاقي ڏوهہ ناهي بلڪ زندگيءَ جي اهم ضرورت آهي. پيار ٻن معصوم دلين جو هڪ ٻئي جي وجود جي ميجتا لاءِ ڪيل انگل/ آرو آهي، جنهن ۾ رب جي رضا شامل آهي، جنهن ڪي فطرت جي حسين ڪائنات بہ پنهنجي ٻانهن ۾ پناهہ ڏئي ٿي. جسماني وجود تہ انهيءَ ازلي روحن جي رشتن جي پاڙ ۾ ميلاپ جو ذريعو آهن.تنهن ڪري استاد جي رومانوي شاعريءَ ۾ محبوب بابت جنسيت جو ذڪر بہ ملي ٿو:

هن گل ڪي اهو پونرو،
چاهت مان اچي چنبڙيو،
هي ڪاٺون ڦيرو آ ؟
مون ڪي تہ قسم تنهنجو،
محسوس ائين ٿئي ٿو،
جڻ ڦريون ڦيرو آ. (ميلا ملهالا - ص 112)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هتي بہ استاد وٽ شعوري پيار(Mature love) جو تصور ڀرپور نموني اڀري سامهون اچي ٿو ڇاڪاڻ تہ جسماني ميلاپ کان پوءِ بہ محبوب لاءِ ڪا بيزاري ڪانهي. نينهن جو نشو ۽ سڪ جيئن پوءِ تيئن وڌندي وڃي ٿي. هر ايندڙ ڏينهن سان محسوس ٿئي ٿو تہ عشق اڃا نئون نئون آهي ڇاڪاڻ تہ وجود اڌورو آهي. پيار جا جذبا ٿوري دير لاءِ وجود جي ڪوٺ کي ڀرين ٿا پر محبوب جي وصال لاءِ ساڳي بي چيني ۽ بي قراري وري بہ هر وقت موجود ملي ٿي،چوي ٿوتہ:

هن چميون ڏيندي پڇيو، ڏءُ ٿيئہ چيم،
مينهن ۾ مهراڻ جو ماپو نہ ڪر !
عاشقيءَ جو عيش ڪجھ اڳتي بہ آ،
لطف ۾ شامل رڳو بوسو نہ ڪر !

(سوچون پٽڪا واڪا - ص 108)

درحقيقت وجود جي ڪوٺ دائمي آهي جيڪا محبوب جي بار بار ملڻ سان بہ ختم نٿي ٿئي.مطلب تہ محبوب سان محبت ۽ سڪ جو ڪو انت ئي ڪونهي. پيار جي مها ساگر ۾ بہ جڻ عاشق اڃارو ۽ تاسارو آهي پر استاد جي محبت جوتہ جڻ ڪو سنڌو ئي ڪونهي. استاد ان منزل کان بہ اڳتي وڌندي انتهائي رومانوي خواهش ڪري ٿو ۽ چوي ٿو:

سانپر لاڪر دل پئي ڪئي آ محبت جي مزدوري،
ڪافي عشق ڪمايم،دل جي پو بہ نہ اوري پوري،
هڪڙي عمر هزارين آسون اهڙيون دل ۾ ڏاريون،
هڪ هڪ آس هزارين، عمريون ماڻي پو بہ اڌوري.

(لهرلهر دريا - ص 31)

محبوب سان نينهن جو ناتو نڀائڻ لاءِ استاد گهٽ ۾ گهٽ هزارين زندگيون ماڻڻ جي خواهش ڪري ٿو، ڇاڪاڻ تہ هو سمجهي ٿو تہ دنياوي وهنوار سان گڏوگڏ صرف هڪ زندگيءَ ۾ محبت جو حق چڱي نموني ادا نٿو ڪري سگهجي. تنهن ڪري استاد لاءِ وقت نهايت قيمتي سرمايو آهي جنهن جو وٽس وڏو قدر آهي، هو چوي ٿو:

ماڻ جيون،جواني،هتي ۽ هينئر،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جيڪي آهي سو جاني هتي ۽ هينئر،
نيڻ، نيڻن سان سو ڳهيون نگاهون ڪريون،
محب، محبت جون مضبوط ٻانهون ڪريون،
اور نزديڪ آني، هتي ۽ هينئر.
(اوتون جوتون - ص 79 )

مابعد طبعيات جي فلسفي مطابق درحقيقت انسان وقت جي وٿيءَ ۾ قائل آهي، جنهن جو استاد کي چڱي نموني ادراڪ آهي. ان ڪري هو محبت ۾ مستقبل جو اونو ڪرڻ بجاءِ حال ۾ زندگي، جيڪي حسين ۽ دلڪش پل عطا ڪري رهي آهي،انهن کي املھ سمجهي پيار جو ڀرپور احساس ماڻڻ جو پيغام ڏئي ٿو، ڇاڪاڻ ته اهو پل جنهن ۾ اسان جي رهيا آهيون اهو ئي حقيقت آهي باقي ڪجھ به طئي ٿيل ناهي. تنهن هوندي به استاد کي جڏهن محبوب جو وصال نصيب ٿئي ٿو ته هن وٽ وقت کي هڪ هنڌ بيهارڻ جي عجيب خواهش موجود آهي،چوي ٿو:

ڪو پل محب ملي، پهچي پوريءَ تٽ تي،
ساعت کي صديون ڪريان،حيلو ڪو به هلي،
سوڳهو سچ جهلي، قابو پونءِ ڪري.
( ولولو ۽ ووڪ - ص 65 )

جڏهن محبوب ملي ٿو ته وجود ۾ اهڙي اڃ جاڳي ٿي جيڪا پي به پوري نٿي ٿئي.دل چاهيندي آهي ته رڳو پيو محبوب کي پيار ڪجي، پر وقت مسلسل وهڪري جو نالو آهي؛ تنهنڪري حقيقت ۾ اهو ممڪن نه آهي، پر ان جي باوجود استاد وقت کي بيهارڻ جو ذڪر ڪري ٿو، ڇاڪاڻ ته هو جيئڻ لاءِ زندگيءَ سان رومانوي رشتي جي اهميت کان بخوبي واقف آهي. استاد لاءِ پيار ئي سندس مذهب به آهي جنهن جو سهارو وٺي ٿو، اهو ئي سبب آهي جو هو عشق جي بارگاهه ۾ سجدا ڪندي نظر اچي ٿو:

منهنجو مذهب ڏار، دنيا جي دستور کان،
استاد اندر سانديو، سونهن پريو سنسار،
جنهن جو نالو پيار،تنهن جي پوڄا پئي ڪبي.
( ولولو ۽ ووڪ ص 16 )

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

استاد جي شاعريءَ بابت ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو لکي ٿو:

”استاد پنهنجون قدرون يا وٺون آسمانن مان ڪٽي هيٺ ڪو نه لٿو آهي. هن پنهنجا خيال عوام مان ميڙيا آهن، جيڪي هن جي اوسي پاسي زنده آهن.“ (14)

ان ڳالهه ۾ واقعي ڪو شڪ نه آهي ته استاد پنهنجا خيال ۽ قدر سماج مان چونڊيا آهن، پر انهن کي پنهنجي فڪر،فلسفي،خيالن، احساسن، جذبن ۽ خواهشن جي رنگ ۾ رڱي ڇڏيو آهي. استاد جي زندگيءَ جو اهو اهم رنگ صرف پيار آهي جنهن جي هر صورت ۾ پرچار ڪيو اٿائين. استاد وٽ ته عيد جو تصور به محبوب جي وجود ۽ سندس راضپي سان لاڳاپيل آهي:

دل ڇيو عيد نه ٿي،ڪين پرين جو پرتو،

مون ڇيو ساهه ٿئي ٿو،جو سندس روح رٺو.

( نه ڪم نبريو نه غم نبريو ص 12)

گناهه ۽ ثواب جو تصور به استاد وٽ محبت سان لاڳاپيل ملي ٿو. هو محبوب سان وفا جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجي نينهن جي نڪريل ۽ اجريل هئڻ جو پنهنجو پاڻ کي يقين ڏياري ٿو:

ڏاڍو خوار ٿيان، جي تو کان ڌار ٿيان،

منهنجو رب نه بخشي مون کي،

گنهگار ٿيان، جي تو کان ڌار ٿيان.

(لهري لهري ۾ لالاڻ- ص 93)

استاد لاءِ جسم توڙي روح، دنيا توڙي آخرت جو هر اهڃاڻ عشق سان وابسته آهي. هو سراپا پيار ۽ حسن جو پوڄاري آهي. ڪائنات جي بي پناهه وسعتن ۾ سندس وجود جو جوهر ئي پيار آهي، جنهن کي هو ماڻڻ چاهي ٿو ۽ ان ۾ ئي هو زندگيءَ جي فلسفي جي سڦلتا پائي ٿو. چوي ٿو:

دل تنهنجي مون سان پرتي آ،

مون جيئري جنت ورتي آ،

اج منهنجي جيوت جرڪي وئي،

مون کي پنهنجي خبر پئجي وئي.          (لهري لهري ۾ لالاڻ -ص 92)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## نتيجو:

هن ريسرچ ۾ اها ڳالهہ سامهون آئي تہ استاد بخاريءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ صرف قوم پرستيءَ جي فڪر جي نمائندگي ناهي ڪئي بلڪ هن پنهنجي ڏات ذريعي محبت جهڙي آفاقي قدر جي پڻ ڀرپور عڪاسي ڪئي آهي. سند س شاعريءَ ۾ مجازي محبت جو شعوري فلسفو نهايت وسيع ڪئنواس رکندڙ آهي، جنهن ۾ ڀانت ڀانت جا دل ڇهندڙ رنگ استعمال ٿيل آهن. استاد تخيل جي برش ذريعي محبت جي نون نڪور خيالن، ڪومل احساسن ۽ جذبن جي هڪ نئين تصوير پڙهندڙن آڏو پيش ڪئي آهي. جنهن ۾ ناز نخرا آهن، سڪ ۽ سوز آهي،عاجزي ۽ انڪساري آهي،جيئڻ جو نئون رنگ ۽ ڍنگ آهي.مختصرطور مجازي محبت جو فڪر استاد جي حياتيءَ جو مرڪزي نڪتو آهي، جنهن بعد ۾ شدت اختيار ڪري پنهنجو رخ هڪ محبوب کان پوري سنڌي قوم ۽ آخرڪارانسانيت جي فڪر ڏانهن موڙي ڇڏيو.

## حوالا

1. بخاري استاد، گيت اسان جا جيت اسان جي،سنڌي ساهت گهر، حيدر آباد، ڇاپو ٻيو، 1994ع، ص: 7.
2. Fromm erich, The Art of loving, United states of America,1956, p. 52.
3. Ibid p.no12.
4. Peck, M. Scott, The Road less traveled, Great Britain by Hutchinson & co,1983, p.126
5. رين ڊيڪارٽ (1650- 1596) جديد فلسفي جو باني، جنهن پهريون دفعو ذهن ۽ جسم جي ٺنويت جو نظريو ڏنو هو.فرانس ۾ پيدا ٿيو جڏهن تہ سوئيڊن ۾ وفات ڪيائين.
6. Peck, M. Scott, The Road less travelled, Great Britain by Hutchinson & co, 1983, p.no, 104.
7. Gibran Khalil, The Prophet, Alfred A. Knopf publisher, new York, 1923, p.no 13.
8. Covey, Stephen R , The Seven habits of highly effective people, Great Britain by Simon & Schuster Ltd,1992,p,no 80.
9. M.D, H.B Danesh, The Psychology of Spirituality, sterling publisher, new Delhi,1998, p.no 68.
10. استاد بخاري، ميلا ملهالا، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو،1994ع،ص 7.
11. بخاري استاد، ولولو ۽ ووڪ، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو،1994ع،ص 4.
12. بخاري استاد، ميلا ملهالا، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1994ع، ص 31.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

13. بخاري استاد، لهر لهر دريا ،سنڌڙي ڪتابي سلسلو،رتوديرو، ڇاپوپيو،1992ع، ص 4.
14. بخاري استاد، اوتون جوتون، آگم پبلشنگ ايجنسي، حيدر آباد،1983ع، ص 21.

**استاد بخاريءَ جي شاعريءَ لاءِ جن ڪتابن مان مدد ورتي وئي، اهي هي آهن.**

1. گلدستي ۾ گيت، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو،سنڌ،1996ع.
2. ولولو ۽ ووڪ،ساڃيو،1994ع.
3. ميلا ملهالا، ساڃيو،1994ع.
4. ڪوڪڻ يا ڪلياڻ، سنڌي ساهت گهر،حيدر آباد، سنڌ، 1997ع.
5. سوچون،پڙڪا، واڪا،ساڃيو،1995ع.
6. اوتون جوتون، آگم پبلشنگ ايجنسي،حيدر آباد،سنڌ،1983ع.
7. لهرلهر دريا،سنڌڙي ڪتابي سلسلو،رتوديرو،سنڌ،1992ع.
8. نہ ڪم نبريو نہ غم نبريو، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو،سنڌ، 2004ع.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair